# سورت قارِعَه

## (سمجهاڻي ۽ حاصِل ٿيندڙ مدني گل)

02-December-2021



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو
سُنّتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

# 2ڊسمبر 2021 تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# سورت قَارِعَه

# (سمجهاڻي ۽ حاصِل ٿيندڙ مدني گل)

هن بيان ۾ اوهان ڇاڻي سگهندؤ..........

✿... سوره قارِعَه بابت ايمان افروز واقعو

✿... قيامت قائِم ٿيڻ جو هولناڪ(دل ڏڪائيندڙ) منظر

✿... جهنّم ۾ الله پاڪ کي پُڪارڻ واري جو واقعو

✿... جنّت جي طلبگارن جي لاءِ پنج مدني گُل

پيشڪش

مجلس اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيه(اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو

ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ(دعوتِ اسلامي)

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الۡمُرۡسَلِيۡنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ اللّٰه

## نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ

**(مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)**

**پيارا اسلامي ڀائرو! نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَاف جي معني آهي: مون سنّت اعتڪاف جي نيّت ڪئي. نيّت دل جي ارادي کي چئبو آهي لهٰذا جڏهن بہ مسجد ۾ حاضر ٿيو، هر ڀيري ياد ڪري، دل ۾ ارادو رکي عربي، اردو يا ڪنهن بہ ٻولي ۾ اعتڪاف جي نيّت ڪري وٺڻ گهرجي. اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! جيستائين مسجد ۾ رهندؤ، نفلي اعتڪاف جو ثواب ملندو رهندو، ياد رکو! مسجد ۾ ڪائڻ، پيئڻ، سمهڻ، سحري افطاري ڪرڻ، دَم ڪيل پاڻي پيئڻ وغيره ڪم شرعاً جائز ناهن، اعتڪاف جي نيت ڪندا تہ اهي ڪم بہ جائِز ٿي ويندا.**

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درودِ پاڪ جي فضيلت

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان آهي: مسلمان جيستائين مون تي درود پڙهندو رهي، ملائڪ ان تي رحمت موڪليندا رهن ٿا، هاڻي ان جي مرضي آهي، گهٽ پڙهي يا وڌيڪ.**[1]

---

[1]...ضيائے درود وسلام، صفحہ:2۔

وِرْدِ لب ہر دَم درود و سلام ہو یاشہِ عرب و عجم! کر دو کرم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نِيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيت تي آهي.[1]

**اي عاشقانِ رسول!** چڱي نيت کان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. تنهنڪري بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺو! مثال طور نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ ۽ ۞ عِلْم دين سکڻ جي لاءِ سڄو بيان ٻڌندس ۞ اَدَب سان ويهندس ۞ نگاهون جهڪائي خوب توجهه سان بيان ٻُڌندس ۞ ٻُڌي ڪري اُن تي عمل جي ڪوشش ڪندس ۞ جيترو حصو ياد رهيو، اهو ٻين تائين پهچائي علمِ دين ڦهلائڻ جو ثواب ڪمائيندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سُورة القَارِعَہ بابت ايمان افروز واقعو

خادمِ مصطفيٰ، صحابيءِ رسول حضرت انس بن مالِڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ عادَت هئي تہ جيڪڏهن ڪو صحابي 3 ڏينهن تائين بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر نہ ٿيندو هو تہ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جي باري ۾ پُڇا ڪندا هئا، جيڪڏهن اهو سَفر تي هوندو هو تہ ان جي لاءِ دُعا گهرندا ها، جيڪڏهن مديني پاڪ ئي ۾ هوندو هو تہ ان سان ملاقات جي لاءِ ويندا ها ۽ جيڪڏهن اهو صحابي بيمار هوندو هو تہ ان جي عيادت پڻ ڪندا هئا.

هڪ ڀيري جو واقعو آهي تہ هڪ انصاري صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ 3 ڏينهن تائين بارگاهِ رسالت ۾ حاضر نہ ٿيا، حُضُورِ اڪرم، نُورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ

[1]...بخاري، ڪتاب:بَدءَ الوَحي، صفحہ:65، حديث:1.

**ڪرام** عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان **ڪان اُن جي باري ۾ پڇيو تہ ٻڌايو ويو: يارسول الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! **هو سخت بيمار آهي.**

**اها خبر ٻڌي نبين جي سردار، محبوبِ خُدا** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم **حضرت ابو بڪر صديق، حضرت عمر فاروق ۽ ڪجهہ ٻين صحابي سڳورن** عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان **ڪي ساڻ ڪري اُنهن جي عِيادت جي لاءِ ويا.**

سَرِ بالیں انہیں رحمت کی ادا لائی ہے حال بگڑا ہے تو بیمار کی بَن آئی ہے

**الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم **پنهنجي پياري صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **کي ڏٺو، اهي واقعي سخت بيمار هئا، رسول اڪرم** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم **خوبصُورت ۽ پياري انداز ۾ عيادت فرمائي، حال اَحوال پڇيائون. انصاري صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **پنهنجو حال عرض ڪيو ۽ گڏوگڏ پنهنجي بيمار ٿيڻ جو سبب بيان ڪندي، پنهنجو هڪ واقعو بہ ٻُڌايو.**

(هن واقعي جو خُلاصو ڪجهہ هن طرح آهي تہ) **اُن انصاري صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **عرض ڪيو: يارسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! **هڪ ڏينهن مان مَغرِب جي وقت مسجد ۾ حاضِر ٿيس، اوهان نماز ادا فرمائي رهيا هئا، مون بہ اوهان جي پيروي ۾ باجماعت نماز جي سَعَادت حاصل ڪئي. يارسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! **ان ڏينهن اوهان نماز ۾ سوره قارِعَہ جي تلاوت فرمائي، اُن کي ٻڌي مون تي خوفِ خُدا** جو غلبو ٿي پيو، سو مون دُعا گهري: **ياالله پاڪ! مون کي دُنيا ئي ۾ آزمائش ۾ وجهہ، مون کي آخرت ۾ عذاب نہ ڏجانءِ.**

**انصاري صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **پنهنجي ڳالهہ جاري رکندي عرض ڪيو: يارسولَ الله** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! **ان دُعا کان بعد ئي منهنجي اها حالت آهي جيڪا اوهان ڏسي رهيا آهيو.**

**پنهنجي پياري صحابي** رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ **جي ڳالهہ ٻُڌي سرڪارِ عالي وقار، مڪي**

مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: توهان بُرو ڪيو...! ڇا اهو بهتر نہ هو تہ تون الله پاڪ کان دُنيا جي ڀلائي گهرين ها، آخرت جي بہ ڀلائي گهرين ها ۽ جهنّم کان بچڻ جي بہ دُعا گهرين ها؟

پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن حڪم ڏنائون تہ هينئر دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي دُعا گهرو! صحابي رسول رَضِیَ اللهُ عَنْهُ يڪدم حڪم تي عمل ڪيو، دُنيا ۽ آخرت جي ڀلائي جي دُعا گهري. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پاڻ بہ اُنهن جي لاءِ دُعا فرمائي.

سُبْحٰنَ الله! ان دُعا جو اهڙو اَثر ظاهر ٿيو جو راوِي چون ٿا: اهي صحابي رَضِیَ اللهُ عَنْهُ اُٿي ويهي رهيا، ڄڻ اهي رسين ۾ ٻڌل ها، هاڻي آزاد ڪيا ويا. [1]

اجابت کا سہرا عنایت کا جوڑا　　دلہن بن کے نکلی دُعائے محمد

اجابت نے جھک کر گلے سے لگایا　　بڑھی ناز سے جب دُعائے محمد [2]

**وضاحت:** اِجَابَت يعني قبوليت. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن شعر ۾ دُعاءِ مصطفيٰ جي قبوليت جو حال بيان ڪيو آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه زبان مان نڪرندڙ دُعا قبوليت جو سهرو سجائي، الله پاڪ جي عنايتن جو جَوڙو پائي ڪنوار جيان نڪري ٿي، جڏهن ناز سان آسمان ڏانهن وڌندي آهي تہ قبوليت ان دُعا کي جهڪي ڪري سيني لائيندي آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب!　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... مُسْنَد اَبُو يعلی، جلد:3، صفحہ:140، حديث:3429۔

2... حدائقِ بخشش، صفحہ:66۔

## ايمان افروز واقعي مان حاصل ٿيندڙ 3 مدني گل

### (1): نماز تَوَجُّهُ سان پڙهو...!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو اوهان! اهي انصاري صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ڪيترا خُدا جو خوف رکندڙ هئا...!! ۽ غور فرمايو! اهي ڪيتري خشوع ۽ خضوع سان، پُوري توجُّهہ سان نماز پڙهندا هئا. ڪاش! اسان بہ پنجن نمازن جا پابند بڻجي وڃون، ڪاش! توجهہ سان، خشوع ۽ خضوع سان نماز پڙهڻ جي توفيق مِلي وڃي. جيڪڏهن اسان سُبۡحٰنَکَ اللّٰهُمَّ کان وٺي یَوۡمَ یَقُوۡمُ الۡحِسَاب تائين پُوري نماز ۽ قرآنِ ڪريم جون ڪجهہ سُورتون ترجمي سان ياد ڪري وٺون تہ اِنۡ شَآءَ اللہُ الۡکَرِیۡم! معنيٰ تي تَوَجُّهہ رکي، سمجهي ڪري دِل جمعي سان نماز پڙهڻ ۾ مدد ملندي.

فلموں سے ڈراموں سے دے نفرت تُو الٰہی! بس شوق مجھے نعت و تلاوت کا خُدا دے

میں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نمازیں اللہ! عِبادت میں مرے دِل کو لگا دے[1]

### (2): تِلاوتِ قرآن جي باري ۾ هڪ مدني گل

اي عاشقانِ رسول! انصاري صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي واقعي مان اسان کي هڪ بيو اهم ترين مدني گل سکڻ لاءِ مليو ۽ اهو آهي: قرآنِ ڪريم مان اَثر وٺڻ. ۞ هڪ آهي: قرآنِ ڪريم کي پڙهڻ يا ٻڌڻ ۞ ٻيو دَرجو آهي: قرآنِ ڪريم جي معنائن کي سمجهڻ ۽ ۞ ٽيون درجو آهي: قرآنِ ڪريم ۾ جيڪو ارشاد ٿيو، ان جو اَثر وٺڻ. ڏسو! ان انصاري صحابي رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان سوره قارِعہ ٻُڌي، ان جي مَعنائن کي سمجهيو ۽ ان مان اَثر بہ ورتو، سوره قارِعہ ۾ ڇو تہ قيامت جي هولناڪين ۽ حسَابِ آخرت جو ذڪر آهي، تنهنڪري جڏهن انهن اها سُورت ٻُڌي تہ انهن تي خوفِ خُدا جو غلبو ٿيو، اهو آهي قرآنِ ڪريم مان اَثر وٺڻ.

---

[1] ...وسائلِ بخشش، صفحہ: 114۔

اها وڏي اهم ڳالهہ آهي. جيڪڏهن اسان هن انداز سان قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ وارا بڻجي وڃون، قرآنِ ڪريم جي تِلاوت بہ ڪيون، ان کي سمجهون ۽ ان جو اَثر بہ وٺون تہ يقين مڃو! اسان جي زِندگي ۾ رونق اچي ويندي، اسان جي زِندگي ۾ نيڪين جي بهار اچي ويندي. حضرت وُهَيْب بِن وَرْد رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: اسان قرآنِ پاڪ جي تِلاوت ڪرڻ، ان کي سمجهڻ ۽ ان ۾ غور ۽ فڪر ڪرڻ کان وڌيڪ ڪا بہ شيءِ دِلين کي نرم ڪرڻ واري ناهي لڌي.[1]

يعني دِل کي نَرم ڪرڻ، دِل ۾ خوفِ خُدا پيدا ڪرڻ، دِل مان گُناهن جو مير صاف ڪرڻ ۽ دِل ۾ نيڪي جو جذبو جاڳائڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ مُؤثّر (اثر ڪرڻ واري) جيڪا شيءِ آهي اها هي آهي تہ اسان قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪيون، ان کي سمجهون، ان ۾ غور ۽ فِڪر ڪيون ۽ ان جو اَثر بہ قبول ڪيون. الله پاڪ اسان سڀني کي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

رہوں باوُضو میں سدا یاالٰہی!          دے شوقِ تِلاوت، دے ذوقِ عبادت[2]

الحمد لله! عاشِقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي اسان کي قرآنِ ڪريم سکڻ، سمجهڻ جا ڪافي سارا موقعا فراهم ڪري ٿي. مثال طور: ۞ ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: تفسير ٻڌڻ ٻڌائڻ جو حلقو (عُمُوماً اهو حلقو فجر کان پوءِ لڳايو ويندو آهي، جنهن ۾ قرآنِ ڪريم جون 3 آيتون ترجمي تفسير سان پڙهي ٻڌايون وينديون آهن) هن ۾ شرڪت ڪيو! ۞ اهڙي طرح ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم آهي: اسلامي ڀائرن جو مدرسة المدينہ (هن ۾ قرآنِ ڪريم دُرُست تجويد ۽ قراءَت سان پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي) هن ۾ شرڪت ڪيو! ۞ دعوتِ اسلامي جي اشاعتي

---

[1]... احياءَ العلوم مترجم، جلد:1، صفحہ:863ـ
[2]... وسائلِ بخشش، صفحہ:102ـ

اداري مڪتبة المدينہ ترجمو ڪَنْزُالاِيْمَان، ترجمو ڪنز العرفان، تفسير خزائِن العرفان وغيره ڪتاب شايع (Publish) ڪيا آهن، انهن کي پڙهو ۞ الحمد لله! مڪتبة المدينہ تفسير صراط الجنان بہ شايع (Publish) ڪيو آهي ۞ صراطُ الجنان اُردو زبان ۾ آهي ۞ تمام آسان انداز ۾ لکيو ويو آهي ۞ صراطُ الجنان اُردو ۾ لکيل تفسيرن ۾ هن وقت تائين سڀ کان جديد (Latest) تفسير آهي ۞ هن ۾ قرآني آيتن جي آسان انداز ۾ سمجهاڻي سان گڏوگڏ قرآني آيتن مان ملندڙ سبق آموز مدني گل بہ ذِڪر ڪيا ويا آهن ۞ عقائد ۽ اعمال جي درستگي لاءِ جڳهہ بہ جڳهہ احاديث، شرعِي اَحڪام، ڪٿي انهن اَحڪامن جون حڪمتون، بزرگانِ دين جا سبق آموز واقعا وغيره بہ آيت جي تفسير ڪندي ڏنا ويا آهن. اوهان پاڻ بہ صِراطُ الجنان مان روزانو گهٽ مان گهٽ 3 آيتون ترجمي تفسير سان پڙهڻ جي نيت ڪيو ۽ ٻين کي ان جي ترغيب پڻ ڏياريو ۞ الحمد لله! دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمنٽ اَلْقُرآن مَعَ تَفسِيۡر (Al-Quran with Tafseer) موبائِل ايپليڪيشن بہ جارِي ڪئي آهي ۞ هن ايپلي ڪيشن ۾ قرآنِ ڪريم، ترجمو ۽ تفسير صراط الجنان شامِل آهي ۞ پنهنجي موبائل ۾ اها ايپلي ڪيشن انسٽال ڪريو، ان جي مدد سان قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪيو، ترجمو ۽ تفسير پڙهو، قرآنِ ڪريم کي سمجهو ۽ ان تي عَمَل جي بہ ڪوشش ڪيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! زِندگي ۾ بهار اچي ويندي.

یہی ہے آرزو تعلیم قرآں عام ہو جائے ہر اِک پرچم سے اُونچا پرچمِ اسلام ہو جائے

## (3): دُعا گُهرڻ مهل هڪ احتياط

اي عاشقانِ رسول! اهي انصاري صحابي رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جن جو اسان ايمان اَفروز واقعو ٻُڌو، انهن تي جڏهن خوفِ خُدا جو غلبو ٿيو تہ انهن دُنياوي آزمائش ۽ آخرت جي بهتري جي دُعا گهري. اهو شايد خوفِ خُدا جي غلبي سبب ٿيو. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن کي تنبيہ ڪندي فرمايو: **ڇا اهو بهتر نہ هو تہ تون الله پاڪ کان دُنيا جي بہ ڀلائي گهرين ها، آخرت جي بہ**

**ڀلائي گھرين ھا ۽ جھنم کان بچڻ جي بہ دُعا گھرين ھا؟**

ھن مان معلوم ٿيو تہ چاھي کھڙي بہ ڪيفيت ھجي، کھڙي ئي حالت ھجي، اسان کي کپي تہ اسان اللہ پاڪ کان آزمائش جي دُعا نہ ڪيون، اھا دُعا نہ گھرون تہ يا اللہ پاڪ! مون کي بيمار ڪر، يا اللہ پاڪ! مون کي تنگ دست ڪري ڇڏ بلڪ اسان کي گھرجي تہ ھر حال ۾ دُنيا جي بہ ڀلائي گھرون ۽ آخرت جي بہ ڀلائي ئي گھرون. آخر اسان اللہ پاڪ کان گھري رھيا آھيون، اللہ پاڪ رحمٰن ۽ رحيم آھي، اللہ پاڪ جَوَّاد ۽ ڪريم آھي، اللہ پاڪ جي خزانن ۾ ڪا ڪمي نہ آھي، اللہ پاڪ پنھنجي ٻانھن کي بي حساب نوازيندو آھي، لھٰذا اسان دُعا ۾ ڪنجوسي ڇو ڪيون؟ جڏھن اسان تمام جھانن جي رَبّ کان گھري رھيا آھيون تہ بنا ھبڪ جي گھرون، دُنيا جون بہ ڀلائيون گھرون، آخرت جون بہ ڀلائيون گھرون، سڀ ڪجھ گھرون. اللہ پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ ايمان وارن جو اھو وَصف بيان فرمايو تہ اَھلِ ايمان جڏھن دُعا گھرندا آھن تہ ھيئن چوندا آھن:

رَبَّنَاۤ اٰتِنَا فِی الدُّنْیَا حَسَنَةً وَّ فِی الْاٰخِرَةِ حَسَنَةً وَّقِنَا عَذَابَ النَّارِ (۲۰۱)
(پاره:2، سوره بقره:201)

ترجمو: اي اسان جا پالڻھار! اسان کي دنيا ۾ ڀلائي ڏي ۽ اسان کي آخرت ۾ (بہ) ڀلائي ڏي ۽ اسان کي دوزخ جي عذاب کان بچاءِ.

اللہ پاڪ اسان کي دُرُست انداز سان، آداب جو خيال رکندي، سنين سنين نيتن سان بڪثرت دُعائون گھرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِیْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

سَر ہے خم ہاتھ میرا اُٹھا ہے ۔۔۔ یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
فَضْل کی رحم کی التجا ہے ۔۔۔ یاخُدا! تجھ سے میری دُعا ہے
میں نے مانا کہ سب سے بُرا ہوں ۔۔۔ کس کا ہوں؟ تیرا ہوں میں تِرا ہوں

نازِ رحمت پہ مجھ کو بڑا ہے یا خُدا! تجھ سے میری دُعا ہے

آہ! رنج و الم نے ہے مارا یا اِلٰہی! مجھے دے سہارا

ایک غمگین دِل کی صدا ہے یا خُدا تجھ سے میری دُعا ہے(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## سُورَةُ القَارِعَہ بابت سمجهاڻي

### سورت قارعہ جو مختصر تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! ۞ سورت قارِعہ يعني جنهن مبارڪ سُورت جي تِلاوت انصاري صحابي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ زبانِ مصطفيٰ مان ٻُڌي ۽ اُنهن تي خوفِ خُدا جو غلبو ٿيو، اها قرآنِ ڪريم جي مختصر سُورتن مان آهي ۞ ٽيهين سيپاري ۾ آهي ۞ هن ۾ هڪ رڪوع ۽ 11 آيتون آهن ۞ هن سورت ۾ قيامت جي هولناڪين ڪي بيان ڪيو ويو آهي[2] ۞ بنيادي مضمون جي لحاظ کان سوره قارعہ جا 3 حِصّا آهن: ۞ **پهرين حِصي** ۾ قيامت جي دهشت ۽ هولناڪي جو بيان آهي ۞ پوءِ جڏهن قيامت ايندي، ان وقت دُنيا جي حالت ڪهڙي ٿي ويندي، **ٻي حصي** ۾ ان جو مختصر بيان ٿيو ۞ ۽ **ٽئين حِصّي** ۾ قيامت جي اختتام جو بيان آهي تہ قيامت جي امتحان کان بعد ڪير ڪهڙي حال ۾ هوندو. اچو! سوره قارعہ جي سمجهاڻي ۽ ان مان حاصِل ٿيندڙ ڪجھ مدني گل ٻڌڻ جي سَعادت حاصِل ڪيون ٿا.

### سوره قارِعَہ آيت:1 تا 3 جي سمجهاڻي

سيپاري: 30، سوره قارِعَہ جي ابتدائي 3 آيتن ۾ اللّٰہ پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ: 134-137۔

2...تفسير صراط الجنان، پاره:30 ، سورة القارعہ، جلد:10، صفحہ:801۔

اَلۡقَارِعَةُ ﴿۱﴾ مَا الۡقَارِعَةُ ﴿۲﴾ وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الۡقَارِعَةُ ﴿۳﴾

**ترجمو: دل ڏڪائڻ واري. اها ڏڪائڻ واري ڇا آهي. ۽ توکي ڪهڙي خبر ڇا آهي ڏڪائڻ واري.؟**

اَلۡقَارِعَةُ: قيامت جي نالن مان هڪ نالو آهي. اهو لفظ ”قَرۡعٌ“ مان نهيو آهي. هڪ شيءِ کي ٻي شيءِ تي ايتري زَور سان هنيو وڃي جو ان مان گرج دار آواز پيدا ٿئي، ان کي عربي ۾ قَرۡعٌ چئبو آهي.[1] اهو آواز جيترو زور دار هوندو، اوترو ئي دِل ڏڪائڻ وارو هوندو آهي ۽ جيڪڏهن ڪو شخص غفلت ۾ هجي يا پنهنجي خيالن ۾ وينو هجي ته اوچتو اهڙي گرج دار آواز سان دِليون گهٽيون ڏڪي وينديون آهن. مثال طور ۞ ماڻهو پنهنجي خيال ۾ وينو ڪم ۾ مَصرُوف هجي، ڪو شخص ان جي ويجهو اوچتو ڏاڍيان آواز سان ڳالهائي بلڪ ڪنهن کي زور دار ڇنڊ اچي وڃي ته ماڻهو ڇرڪي پوندو آهي ۽ جسم کي ڏڪڻي وٺي ويندي آهي ۞ ماڻهو ستل هجي، ان جي ويجهو ڪو شَور ڪري ته اوچتو خوف زَده ٿي اُٿي ويندو آهي ۞ ڪڏهن گاڏين جي هارن جي ڪَن ڦاڙيندڙ آواز سان دِل دهلجي ويندي آهي، ڪنن ۾ آواز اچڻ لڳندو آهي. هاڻي ٿورو انهن مثالن کي ذهن ۾ رکي ان وقت جو تصور ڪيو! جڏهن سيئي ماڻهو پنهنجي پنهنجي ڪمن ۾ مَصرُوف هوندا، ڪو گهر ۾ هوندو، ڪو بازار ۾ هوندو، واپاري ڪاروبار ۾ مَصرُوف هوندا، هاري ٻنين ۾ ڪم ڪري رهيا هوندا، ڪو ماني کائي رهيو هوندو، عورتون پنهنجي گهر جي ڪم ڪار ۾ مَصرُوف هونديون، ڪو پنهنجي دوستن سان گڏ وينو ڳالهيون ڪندو هوندو، ان وقت اوچتو زور دار زلزلو برپا ٿيندو، پُوري زمين لُڏڻ لڳندي، آسمان ڦاٽي پوندو، تارا برسات جيان زمين تي ڇڻي پوندا، وڏا وڏا جبل ٽُٽي ذرا ذرا ٿي ويندا، وڏا وڏا سياره (گرهه) پاڻ ۾ ٽڪرائجي ذرو ذرو ٿي ويندا، تَصَوُّر ڪيو! ان وقت ڪيتري هولناڪ ڪڙڪ پيدا ٿيندي!

---

[1]...تفسير روح المعانی، پاره:30، القارعة، آيت تحت:1، جلد:15، جزء:30، صفحه:621۔

ڪيترو خوفناڪ ڏماڪو ٿيندو...! ان وقت دِليون ڪيئن ڏڪي پونديون! ڪيتري بدحواسي طارِي ٿيندي...!! اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

اِنَّ زَلْزَلَةَ السَّاعَةِ شَيْءٌ عَظِيْمٌ ﴿۱﴾ يَوْمَ تَرَوْنَهَا تَذْهَلُ كُلُّ مُرْضِعَةٍ عَمَّآ اَرْضَعَتْ وَ تَضَعُ كُلُّ ذَاتِ حَمْلٍ حَمْلَهَا وَ تَرَى النَّاسَ سُكٰرٰى وَ مَا هُمْ بِسُكٰرٰى. (پاره:17، سوره حج:1-2)

ترجمو: بيشڪ قيامت جو زلزلو وڏي سخت شيءِ آهي. جنهن ڏينهن توهان اُن کي ڏسندؤ (تہ حالت اها هوندي جو) هر کير پياريندڙ پنهنجي کيرپياڪ ٻار کي ويساري ويهندي ۽ هر حمل واري پنهنجو حمل ڪيرائي وجهندي ۽ تون ماڻهن کي ڏسندين ڄڻ نشي ۾ آهن ۽ اهي نشي ۾ نہ هوندا.

اي عاشقانِ رسول! اها آهي: قارِعہ...! اها آهي: ڪڙڪ! هي آهي اها دِل ڏڪائيندڙ. جنهن سبب دِليون ڏڪي وينديون، هنيانءُ ڦاٽي پوندا، بدحواسي طارِي ٿيندي، ايستائين جو مائرون پنهنجي کير پياڪ ٻارن کي وساري ڇڏينديون. هي اهو زلزلو آهي جو اهڙو زلزلو ڪڏهن ڪنهن نہ ڏٺو هوندو، هي اها ڪڙڪ آهي جو اهڙي ڪڙڪ ڪڏهن ڪنهن نہ ٻڌي هوندي، هي اها خوفناڪ تباهي آهي جو اهڙي تباهي جنهن جو پُوري طرح تَصَوُّر بہ نٿو ڪري سگهجي. ان ڪري اللّٰه پاڪ فرمايو:

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْقَارِعَةُ ﴿۳﴾ (پاره30،سورة القارعة:3)

ترجمو: ۽ توکي ڪهڙي خبر اها دل ڏڪائيندڙ ڇا آهي؟

## سورة قارِعہ، آيت: 4 ۽ 5 جي سمجهاڻي

سورة قارِعہ جي آيت: 4 ۾ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

يَوْمَ يَكُوْنُ النَّاسُ كَالْفَرَاشِ الْمَبْثُوْثِ ﴿۴﴾

ترجمو: **جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيل پروانن وانگر هوندا.**

ننڍا ننڍا اُڏامندڙ جيت جيڪي عام طور تي برسات واري موسم ۾ نڪرندا آهن ۽ روشني مثال طور بلب وغيره جي چوڌاري گڏ ٿيندا آهن يعني پتنگ يا پروانا، انهن کي عربي ۾ ”فَرَاش“ چئبو آهي. آيت سڳوري جي معنىٰ اها آهي تہ جهڙي طرح پروانا شمع تي يا بلب وغيره تي ڪِرڻ مهل وکريل هوندا آهن، انهن جي ڪا سَمت ناهي هوندي، ڪو ڪنهن پاسي وڃي رهيو هوندو آهي، ڪو ڪنهن پاسي پيو ويندو آهي، قيامت جي ڏينهن ماڻهن جو اهو ئي حال هوندو، جڏهن قبرن مان اُٿاريو ويندو، تہ ماڻهو وکريل پروانن جيان وکريل هوندا، بدحواسي ۾ ڪو ڪنهن پاسي رُخ ڪري رهيو هوندو، ڪو ڪنهن طرف رُخ ڪري رهيو هوندو.[1]

وَتَكُوْنُ الْجِبَالُ كَالْعِهْنِ الْمَنْفُوْشِ ۝ (پاره30،سورة القارعة:5)

ترجمو: ۽ جبل رنگ برنگي پڃيل اُن وانگر ٿي ويندا.

يعني دِل ڏڪائيندڙ قيامت جي هولناڪي ۽ دهشت سبب وڏا وڏا، مضبوط جبل ذرا ذرا ٿي هوا ۾ اهڙي طرح اُڏامندا، جيئن اُنّ (Wool) کي صاف ڪرڻ مهل ان جا اجزاء هوا ۾ اُڏامندا آهن. افسوس! اهو مضبوط جبلن جو حال آهي تہ اندازو ڪيو! انسان جي هوئڻ ئي دِل نهايت ڪمزور هوندي آهي، ان هولناڪي ۽ دهشت جي وقت انسانن جو ڪهڙو حال هوندو...![2]

اَللّٰهُ اَكْبَر! هي آهي: قارِعَہ، اها آهي: دِل ڏڪائيندڙ، هي آهي اهو خوفناڪ وقت جڏهن جبل بہ پنهنجي جڳهہ قائِم نہ رهي سگهندا.

## قيامت قائِم ٿيڻ جو هولناڪ منظر

صحابي رسول حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو بيان آهي تہ هڪ ڏينهن محفلِ نُور سجيل هئي، سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف

[1]...تفسير صراط الجنان، پاره:30 ، سورة القارِعہ، جلد:10، صفحہ:803۔

[2]...تفسير صراط الجنان، پاره:30 ، سورة القارِعہ، جلد:10، صفحہ:804۔

فرما هئا، صحابهٔ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان به حاضِر هئا، غيب ڄاڻڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: بيشڪ الله پاڪ زمين ۽ آسمان بنائڻ کان بعد صُور کي بڻايو ۽ حضرت اِسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي عطا فرمايو، هاڻي حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام صُور کي پنهنجي وات ۾ رکي ڪري، عرشِ اِلٰهي ڏانهن ڏسي رهيا آهن ۽ انتظار ۾ آهن ته ڪڏهن تو صُور ڦوڪڻ جو حڪم ڏنو وڃي.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنۡهُ فرمائن ٿا: مون عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اهو صُور ڇا آهي؟ فرمايائون: هڪ (نُوراني) سنگ آهي. مون عرض ڪيو: ڪيترو وڏو آهي؟ فرمايائون: تمام وڏو آهي، اُن ذات جو قسم جنهن جي قبضي ۾ منهنجو ساهُ آهي! صُور جو دائرو زمين ۽ آسمان جي ويڪرائي جيان آهي. پوءِ فرمايائون: الله پاڪ حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي ان صُور ۾ 3 ڀيرا ڦوڪڻ جو حڪم ڏيندو:

(1): نَفۡخِ فَزَع (يعني گهٻراهٽ جي ڦوڪ) (2): نَفۡخِ صَعۡق (يعني موت جي ڦوڪ)

(3): نَفۡخِهِ قِيام (يعني موت کان بعد ٻيهر اُٿاريو وڃڻ جي ڦوڪ)

## پهرين ڀيري صُور ڦوڪڻ جو بيان

پوءِ سرڪارِ عالي وقار مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هنن ٽنهي نفخن (يعني صُور ۾ ڦوڪيو وڃڻ) جو تفصيل بيان ڪندي فرمايائون: الله پاڪ حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي پهرين ڀيري صُور ڦوڪڻ جو حڪم ڏيندي فرمائيندو: اُنۡفُخۡ نَفۡخَةَ الۡفَزَعِ يعني گهٻراهٽ جي ڦوڪ هڻو! حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام صُور ڦوڪيندا، ان جو هولناڪ آواز ٻُڌي زمين ۽ آسمان وارا گهٻرائجي ويندا، ها! جنهن کي الله پاڪ چاهيندو محفوظ رکندو، الله پاڪ جي حڪم سان حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام صُور ڦوڪڻ جي اُن آواز کي ڊگهو ڪندا (يعني ڪافِي دير تائين صُور ڦوڪڻ جاري رکندا). ان جي هولناڪي سبب جبل ايئن هلڻ لڳندا جيئن ڪَڪر هلن ٿا، ايستائين جو ذرو ذرو ٿي ويندا،

زمين تي سخت زلزلو اچي ويندو، جيئن الله پاڪ فرمائي ٿو:

يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ﴿٦﴾ تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ﴿٧﴾ قُلُوْبٌ يَّوْمَىِٕذٍ وَّاجِفَةٌ ﴿٨﴾

(پاره30،سورة النازعات:6-8)

ترجمو: جنهن ڏينهن لڏڻ واري لڏندي. ان جي پٺيان ايندي پٺيان اچڻ واري. دليون اُن ڏينهن خوف زده هونديون.

سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن وڏيڪ فرمايو: اُن وقت زمين سمنڊ ۾ ڦاٿل اُن ٻيڙيءَ جيان هوندي جنهن کي ساموندي لهرون لوڏي رهيون هونديون آهن ته ٻيڙيءَ جا سُوار منهن ڀر ڪري پوندا آهن، ان وقت کير پيئارڻ واريون کير پيئندڙ ٻارن کي وساري ڇڏينديون، حمل وارين جا حمل ڪِري پوندا، ٻار خوف سبب پوڙها ٿي ويندا، شيطان زمين جي ڪنارن ڏانهن ڀڄندا پر ملائڪ انهن کي ماري ماري واپس ڌڪيندا، ان وقت عجيب ڪهرام متل هوندو، ماڻهو هيڏانهن هوڏانهن ڀڄي رهيا هوندا، هڪ ٻئي کي پڪاري رهيا هوندا، اجا ماڻهو ان حال ۾ هوندا جو زمين ڦاٽي پوندي، هاڻي ماڻهن تي اهڙو خوف ۽ اهڙي دهشت هوندي جو ان جي ڪيفيت الله پاڪ ئي بهتر ڄاڻي ٿو، پوءِ ان سان گڏ ئي آسمان ڳريل چاندي جيان ٿي ڦاٽي پوندو، سج ۽ چنڊ بي نُور ٿي ويندا ۽ آسمان کي سندس جڳهه تان ڇڪيو ويندو.

## ٻئين ڀيري صُور ڦوڪڻ جو بيان

پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڌيڪ فرمايو: جيستائين الله پاڪ چاهيندو ماڻهو انهيءَ آفت ۽ بَلا ۾ مبتلا رهندا، پوءِ الله پاڪ حضرت اسرافيل عَلَيْهِ السَّلَام کي نَفخهِ صَعَق (يعني صُور ۾ موت جي ڦوڪ هڻڻ) جو حڪم فرمائيندو. هن ڀيري صُور ڦوڪڻ سان آسمان وارن ۽ زمين وارن تي موت طاري ٿي ويندو، ها! جنهن کي الله پاڪ چاهيندو (ان کي ان وقت موت نه ايندو). هاڻي حضرت مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام رَبّ جبار ۽ قهار جي بارگاهه ۾ عرض

ڪندو: ياربّ! آسمان وارا ۽ زمين وارا سڀئي موت جو شڪار ٿي چڪا آهن پر جنهن کي تو زِنده رکيو. الله پاڪ ان زِندهہ رهڻ وارن کي خوب ڄاڻي ٿو پر فرمائيندو: ڪير ڪير باقِي آهي؟ مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪندو: يا رَبّ! تون زِنده آهين، توکي ڪڏهن موت نہ ايندو. تنهنجي علاوه عرش کڻڻ وارا ملائڪ زنده آهن، حضرت جبرائيل، حضرت ميڪائيل عَلَيْهِمَا السَّلَام زِنده آهن ۽ مان بہ زِنده آهيان. هاڻي حضرت جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيْهِمَا السَّلَام تي موت طارِي ڪيو ويندو، اهي بہ موت جو ذائقو چکندا، پوءِ مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪندو: اي مالِڪ! جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيْهِمَا السَّلَام بہ موت جو ذائقو چکي ورتو. الله پاڪ فرمائيندو: هاڻي ڪير بچيو آهي؟ عرض ڪندو: مالِڪ! تون زِنده آهين، توکي ڪڏهن موت نہ ايندو، تو کان علاوه عرش کڻڻ وارا ملائڪ زِنده آهن ۽ مان بہ زِنده آهيان. هاڻي پهريان عرش کڻڻ وارن ملائڪن تي، پوءِ حضرت مَلَڪُ الموت عَلَيْهِ السَّلَام تي موت اچي ويندو. هاڻي صِرف الله واحِد و قهَّار باقِي رهندو، اهو بي نياز آهي، نہ ان جو ڪو پيءُ نہ ان جو ڪو پٽ، اهو ئي اَوَّل آهي، اهو ئي آخر آهي. هاڻي الله پاڪ فرمائيندو:

لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ ؕ (پاره24،سوره مومن:16) ترجمو: اڄ ڪنهن جي بادشاهي آهي؟

ان وقت ڪو جواب ڏيڻ وارو نہ هوندو، الله پاڪ پاڻ ئي فرمائيندو:

لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ ﴿۱۶﴾ (پاره24،سوره مومن:16) ترجمو: هڪ الله جي جيڪو سڀني تي غالب آهي.

پوءِ زمين ۽ آسمان کي ائين ويڙهيو ويندو جيئن ڪاغذ ويڙهيو ويندو آهي، پوءِ ان زمين جي جڳهہ تي ڪا ٻي زمين وڇائي ويندي، آسمان جي جڳهہ ٻيو آسمان بڻايو ويندو. هاڻي الله پاڪ ٽي ڀيرا فرمائيندو: مان آهيان جَبَّار. جنهن کي منهنجو شريڪ ٿيڻ جي دعويٰ آهي، سامهون اچي. ان وقت ڪو بہ مٿو

ڪٽڻ وارو نہ هوندو. هاڻي مخلوق کي ان نئين زمين تي رکيو ويندو، جيڪي پهريان قبرن ۾ ها، هاڻي نئين زمين جي قبرن ۾ هوندا، جيڪي پهريان زمين جي سطح تي مُئل هوندا، هاڻي نئين زمين جي سطح تي مُئل پيا هوندا.

## ٽئين ڀيري صُور ڦوڪڻ جو بيان

پياري نبي، آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وٰاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجو پُرسوز بيان جارِي رکندي وڌيڪ فرمايو: اللّٰه پاڪ فرمائيندو: عرش کڻڻ وارا ملائڪ زِنده ٿي وڃن. پوءِ اهي زِنده ٿي ويندا. پوءِ حڪم ٿيندو: جبرائيل ۽ ميڪائيل عَلَيۡهِمَا السَّلَام زِنده ٿي وڃن. اهي بہ زِنده ٿي ويندا. هاڻي الله پاڪ حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام کي حڪم فرمائيندو: اُنۡفُخۡ نَفۡخَةَ الۡبَعۡثِ مرڻ کان بعد اُٿاريو وڃڻ جي لاءِ صُور ڦوڪيو...! حضرت اسرافيل عَلَيۡهِ السَّلَام ٽئين ڀيري صور ڦوڪيندا، ان سان تمام رُوح نڪري ايندا، الله پاڪ فرمائيندو: منهنجي عِزّت ۽ جلال جو قسم! تمام رُوح پنهنجن جسمن ۾ هليا وڃن. سو تمام رُوح پنهنجن پنهنجن جسمن ۾ هليا ويندا، هاڻي زمين کلي ويندي ۽ توهان سيئي الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ حاضِر ٿي ويندؤ. اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:[1]

مُّهۡطِعِيۡنَ اِلَى الدَّاعِ ؕ يَقُوۡلُ الۡكٰفِرُوۡنَ هٰذَا يَوۡمٌ عَسِرٌ ﴿۸﴾ (پارہ27،سورۃالقمر:8)

ترجمو: ان سڏيندڙ ڏانهن ڊڪندي ويندي ڪافر چوندا: هيءُ ڏاڍو سخت ڏينهن آهي.

اي عاشقانِ رسول! اها آهي قارِعہ، اها آهي دِل ڏڪائيندڙ، هي آهي اها قيامت جنهن جو اسان سان وعدو ڪيو ويو آهي. هاڻي سوره قارِعہَ جون آيتون ٻڌو! الله فرمائي ٿو:

[1]... مُسۡنَدِ اِسۡحاق بِن راہویہ، مُسۡنَدُ ابی ہریرہ، جلد:1، صفحہ:261، حدیث:10،ملتقطاً۔

اَلۡقَارِعَةُ ۝۱ مَا الۡقَارِعَةُ ۝۲ وَمَاۤ اَدۡرٰىكَ مَا الۡقَارِعَةُ ۝۳ (پاره30،سوره قارعه:1-3)

ترجمو: **اها دل ڏڪائي رڪندڙ. اها دل ڏڪائي رڪندڙ ڇا آهي؟ ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها دل ڏڪائيندڙ ڇا آهي؟**

## سورت قارِعَہ آيت:6 ۽ 7 جي سمجهاڻي

پيارا اسلامي ڀائرو! اها قيامت آهي، اهو 50 هزار سالن جو ڏينهن آهي، افسوس! ميدانِ محشر جي گرمي...!! ماڻهو پگهر ۾ شل هوندا، ايترو پگهر نڪرندو جو 70 گز زمين ۾ جذب ٿي ويندو،[1] پوءِ جيڪو پگهر زمين نہ پِي سگهندي اهو مٿي چڙهندو، ڪنهن جي پيڏين تائين هوندو، ڪنهن جي گوڏن تائين هوندو، ڪنهن جي چيلهہ تائين هوندو، ڪنهن جي سيني تائين، ڪنهن جي ڳچي تائين ۽ ڪافِر جي تہ منهن تائين پگهر مٿي چڙهي ايندو جنهن ۾ هُو غوطا کائيندو. ان گرمي ۾ اُڃ جي شِدَّت جو جيڪو عالَم هوندو، اهو بيان کان ٻاهر آهي، زبانون سُڪي ڪنڊو ٿي وينديون، دِليون ٿڪي نڙي تائين پهچي وينديون. تقريباً 25 هزار سال تائين ماڻهو انهيءَ حال ۾ رهندا ۽ انتظار ۾ هوندا تہ حِسَاب ڪڏهن شروع ٿئي ٿو، آخر شافِعِ محشر، محبوبِ رَبِّ اڪبر صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شفاعت سان حِسَاب شروع ڪيو ويندو.[2] سوره قارِعَہ جي آيت: 6 تا 11 ۾ انهيءَ حِسَاب جو ذِڪر آهي، جيئن آيت:6 ۽ 7 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

فَاَمَّا مَنۡ ثَقُلَتۡ مَوَازِیۡنُهٗ ۝۶ فَهُوَ فِیۡ عِیۡشَةٍ رَّاضِیَةٍ ۝۷ (پاره30،سورة القارعة:6-7)

ترجمو: **پوءِ ڀهرحال جنهن جا پُڙ ڳرا هوندا. اهو تہ دل گهري عيش ۾ هوندو.**

يعني جنهن جون نيڪيون گهڻيون هونديون، ميزانِ عَمَل تي جنهن جي نيڪين جو پُڙ وزني هوندو، ان کي جنّت عطا ڪئي ويندي ۽ هو پسنديده زِندگي ۾ هوندو.

---

[1]...بخاري، كتاب:الرقاق، صفحہ:1603، حديث:6532۔

[2]...مسند احمد، مسند الشاميين، جلد:7، صفحہ:216، حديث:17902۔

## جنّت جي پسنديده زندگي

بهارِ شريعت ۾ آهي: ۞ جنّت هڪ مقام آهي جيڪو الله پاڪ ايمان وارن جي لاءِ ٺاهيو آهي ۞ جنّت ۾ اهي نعمتون آهن جن کي نہ ڪنهن اک ڏٺو آهي، نہ ڪنن ٻڌو آهي، نہ ڪنهن جي دِل ۾ انهن جو خيال گذريو آهي ۞ جنّت ۾ هيري جواهرات سان جُڙيل محل آهن ۞ جنّت جون ديوارون سون چاندي جي سرن سان ۽ مشڪ جي گاري سان ٺهيل آهن ۞ جنّت ۾ چار درياءَ آهن: هڪ پاڻي جو، **ٻيو** کير جو، **ٽيون** ماکي جو ۽ **چوٿون** شراب جو، انهن دريائن مان نهرون نڪري هر محل جي هيٺان گذرن ٿيون ۞ جنتي شراب دُنيا جي شراب جهڙو نہ آهي، اهو پاڪ شراب آهي، نہ اهو ڪڙو آهي، نہ ان ۾ نشو آهي ۞ جنتين کي جنّت ۾ هر قسم جا لذيذ کان لذيذ کاڌا ملندا ۞ جيڪي چاهيندا يڪدم انهن جي سامهون موجود هوندو ۞ جيڪڏهن پاڻي وغيره جي خواهش هوندي يا جيتري انهن کي خواهش هوندي، ٺيڪ اندازي سان پاڻي، کير، شراب ۽ ماکي جا ڪوزا از خود انهن جي هٿ ۾ اچي ويندا ۞ جنّت ۾ نہ نجاست آهي، نہ گندگي، نہ ٿُڪ، نہ سِنگهہ نہ بدن جي مير ۞ جنت ۾ هر شخص جي سيراندي گهٽ مان گهٽ 10 هزار خادِم هوندا ۞ انهن ۾ هر خادِم جي هڪ هٿ ۾ چاندي جو پيالو هوندو، ٻي هٿ ۾ سون جو پيالو هوندو، هر پيالي ۾ نئين نئين رنگ جون نعمتون هونديون ۞ جنتي شخص جيتريون نعمتون کائيندو ويندو، لذّت وڌندي ئي ويندي ۞ هر گرهہ ۾ 70 ذائقا هوندا ۞ هر ذائقو ٻهريان کان جُدا هوندو ۞ جنتين جا نہ لباس پُراڻا ٿيندا، نہ انهن جي جواني فنا ٿيندي ۽ اهي هميشہ هميشہ جنّت ئي ۾ رهندا.[1]

روايت ۾ آهي: جڏهن جنّتي جنّت ۾ پهچي ويندا تہ الله پاڪ ملائڪن کي فرمائيندو: منهنجي پيارن ٻانهن کي ڪارايو...! انهن کي لذيذ کاڌا پيش ڪيا ويندا، انهن کي هر گرهہ تي عليحده لذّت ملندي، جڏهن اهي کاڌي کان فارِغ ٿي ويندا تہ ملائڪن کي حڪم ٿيندو: منهنجي ٻانهن کي پيئاريو...! هاڻي اَهلِ

---

1...بہار شریعت، حصہ:1، جلد:1، صفحہ:152-157ملتقاطاً۔

جنّت کي بھترين شربت پيش کيا ويندا، انھن کي ھر ڏُک تي عليحده لذّت ملندي. جڏھن اَھلِ جنّت پيئڻ کان فارِغ ٿيندا تہ اللّٰہ پاڪ فرمائيندو: اي منھنجا ٻانھؤ! مان توھان جو رَبّ آھيان، مون توھان سان ڪيل وَعدو پُورو ڪيو آھي، ھاڻي مون کان گھرو! مان توھان کي عطا ڪندس. جنّتي عرض ڪندا: اي اسان جا پيارا اللّٰہ! اسان توکان تنھنجي رضا گھرون ٿا. اللّٰہ پاڪ فرمائيندو: بيشڪ مان توھان سان راضِي ٿيس، اڄ توھان جي لاءِ وڏو اِنعام آھي، اھڙي عِزّت جيڪا انھن تمام نعمتن کان اعليٰ آھي، پوءِ اللّٰہ پاڪ اَھلِ جنّت کي پنھنجو ديدار ڪرائيندو.[1] پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ان ذات جو قسم جنھن جي قبضي ۾ منھنجو ساھُ آھي، اَھلِ جنّت کي اللّٰہ پاڪ جو دِيدار باقِي تمام نعمتن کان وڌيڪ عزيز ھوندو.[2]

اي عاشقانِ رسول! اھا آھي جنّت جي پسنديده زِندگي ۽ اھا ڪنھن کي ملندي؟ جنھن جي نيڪين جو پُڙ ڳرو ھوندو. اللّٰہ نہ ڪري! اللّٰہ نہ ڪري! جنھن جو گُناھن جو پُڙ ڳرو ٿيو، جنھن جون نيڪيون گھٽ ٿيون، ان جو ڇا حال ھوندو...؟ اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

وَ اَمَّا مَنْ خَفَّتْ مَوَازِیْنُهٗ ﴿۸﴾ فَاُمُّهٗ هَاوِیَةٌ ﴿۹﴾ وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا هِیَهْ ﴿۱۰﴾ نَارٌ حَامِیَةٌ ﴿۱۱﴾ (پاره30،سورة القارعة:8-11)

ترجمو: ۽ بھرحال جنھن جا پُڙ ھلڪا ٿيندا. تہ ان جو ٺڪاڻو ھاويہ ٿيندو. ۽ توکي ڪھڙي خبر جو اھا ڇا آھي؟ ھڪ ٻرندڙ باھ آھي.

معلوم ٿيو تہ جيڪو دُنيا ۾ باطِل جو پيروڪار رھيو ھوندو، جيڪو گنھگار رھيو ھوندو، جنھن جا گُناھ گھڻا ٿيا ھوندا، نيڪيون گھٽ ھونديون، جيڪڏھن اللّٰہ پاڪ جي رَحمت نہ ٿي تہ اھڙو شخص قيامت جي ڏينھن جھنّم جو ٻارڻ ٿيندو.

---

[1]...تنبيہ الغافلين، صفحہ:38.

[2]...تنبيہ الغافلين، صفحہ:37.

خُدائے قہار ہے غضب پر، کھلے ہیں بد کاریوں کے دفتر
بچالو آکر شفیعِ محشر، تمہارا بندہ عذاب میں ہے

**وضاحت:** يارسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! قيامت جو ڏينهن آهي، اج الله پاڪ جي ڪمال غضب جو اِظهار آهي، مون گنهگار جو اعمالنامو کوليو ويو آهي، اي شفاعت فرمائيندڙ آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم! اچي بچائي وٺو! اوهان جو غُلام عذاب ۾ گرفتار ٿيڻ وارو ٿي آهي.

## جهنّم جي خوفناڪ باھ جو بيان

۞ جهنّم الله پاڪ جي قهر ۽ غضب جو مقام آهي ۞ جهنّم جي باھ نهايت گرم آهي، حديثِ پاڪ ۾ آهي: اها دُنيا جي باھ جهنّم جي باھ جي 70 حصن مان هڪ حصو آهي، جيڪڏهن هن دُنياوي باھ کي پاڻي سان ٻه ڀيرا ٿڌو نہ ڪيو وڃي ها تہ توهان هن مان فائدو نہ ڪڻي سگهو ها ۞ دُنيا جي باھ الله پاڪ کان دُعا ڪندي آهي تہ اي الله پاڪ! مون کي جهنّم جي باھ ۾ ٻيهر نہ موٽائجان ۞ حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي بارگاھ ۾ قسم ڪڻي چيو: جيڪڏهن جهنّم کي سُئي جي سوراخ برابر کوليو وڃي تہ تمام زمين وارا ان جي گرمي سبب مري ويندا ۞ روايتن جي مطابق جهنّم جي باھ هزار سال تائين ڏُکائي وئي، ايستائين جو ڳاڙهي ٿي وئي، وري هزار سالن تائين ڏُکائي وئي، ايستائين جو سفيد ٿي وئي، وري هزار سالن تائين ڏُکائي وئي، ايستائين جو ڪاري سياھ ٿي وئي، هاڻي اها بلڪل ڪاري سياھ آهي، جنهن ۾ روشني جو نالو بہ نہ آهي.[1]

---

[1]...بہار شریعت، حصہ:1، جلد:1، صفحہ:163-165ملتقطاً۔

هائے حُسنِ عَمَل نہیں پلے حشر میں میرا ہو گا کیا یارَبّ!

خوف دوزخ کا آہ! رحمت ہو خاکِ طیبہ کا واسطہ یارَبّ!

میرا نازُک بدن جہنّم سے از طفیلِ رضا بچا یارَبّ![1]

## جهنّم ۾ الله پاڪ کي پُڪارڻ واري جو واقعو

صحابيءِ رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي، هڪ ڀيري هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضِر ٿي عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا ڪو اهڙو مؤمن بہ آهي جيڪو جهنّم ۾ باقِي رهجي ويندو؟ غيب ڄاڻڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ها! هڪ شخص جيڪو جهنّم جي اونهي ڪُڊ ۾ هوندو ۽ وڏي آواز سان يَا حَنَّانُ، يَا مَنَّانُ پُڪاري رهيو هوندو، ان جو آواز ڏاڍيان هوندو، ايستائين جو حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام ٻُڌندا تہ تعجب وچان چوندا: اَلعَجَب! اَلعَجَب! يعني عجيب ڳالھ آهي، عجيب ڳالھ آهي! پوءِ حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام عرشِ اِلٰهي جي سامهون حاضِر ٿيندا، مٿو سجدي ۾ رکندا. الله پاڪ فرمائيندو: اِرۡفَعۡ رَاۡسَكَ يَا جِبۡرَائِيۡل!اي جبرائيل! پنهنجو مٿو مٿي ڪڻ! حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام مٿو کڻندا، الله پاڪ فرمائيندو: اي جبرائيل! توهان ڪهڙي عجيب شيءِ ڏٺي؟ جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام عرض ڪندو: يا الله پاڪ! مون هڪ آواز ٻڌو، ڪو شخص جهنّم جي اونهي ڪُڊ ۾ آهي ۽ يا حَنَّانُ يامَنَّانُ چئي پُڪاري رهيو آهي. الله پاڪ فرمائيندو: اي جبرائيل! مالِڪ (يعني جهنّم جي داروغي) وٽ وڃ! ان کي چئو: اهو ٻانهو جيڪو يَا حَنَّانُ، يَا مَنَّانُ پُڪاري رهيو آهي، ان کي جهنّم مان ڪڍي اچو...!

حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام جهنّم جي دروازي تي ويندا، در کڙڪائيندا، حضرت مالِڪ عَلَیۡہِ السَّلَام ٻاهر ايندا، حضرت جبرائيل عَلَیۡہِ السَّلَام انهن کي الله پاڪ جو

---

1...وسائلِ بخشش، صفحہ:80۔

حڪم ٻڌائيندا، حڪم ٻُڌي حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام جهنّم ۾ ويندا.

اسان جي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيئن ماءُ پنهنجي ٻارن کي سڃاڻي ٿي، حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام ايئن ئي جهنّم کي سڃاڻن ٿا، ان جي باوُجُود اهي ان يَا حَنَّانُ، يَا مَنَّانُ چوڻ واري شخص کي ڳولهي نہ سگهندا. پاهر اچي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام کي عرض ڪندا: اي جبرائيل! جهنّم وڏو ساھ کنيو آهي، ان ڪري ڪهڙي شيءِ پٿر آهي، ڪهڙي شيءِ لوھ آهي ۽ ڪير انسان آهي، ان جي سڃاڻپ نہ پئي ٿئي. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ٻيهر عرشِ الٰهي اڳيان حاضِر ٿيندا، مٿو سجدي ۾ رکندا. الله پاڪ ارشاد فرمائيندو: اي جبرائيل! مٿو مٿي ڪڻ...! تون يَا حَنَّانُ، يَا مَنَّانُ پُڪارڻ واري کي ڇو نہ وٺي آيو آهين. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪندا: موليٰ! جهنّم جي داروغي (محافظ) حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام مَعذرت ڪئي آهي، اهي چون ٿا: جهنّم ساھ کنيو آهي، ان ڪري پٿر، لوھ ۽ انسانن جي وچ ۾ ڪو فرق ناهي بچيو، ڪنهن شيءِ جي سڃاڻپ نہ پئي ٿئي. الله پاڪ فرمائيندو: اي جبرائيل! مالِڪ کي چئو! منهنجو ٻانهو جهنّم جي فُلاڻي کڏ ۾، فُلاڻي ڪنڊ ۾، هن هن طرح پيل آهي.

حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ٻيهر جهنّم جي دروازي تي ويندا، حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام کي يَا حَنَّانُ، يَا مَنَّانُ پُڪارڻ واري جو پَتو ٻڌائيندا، حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام جهنّم جي اندر ويندا، ڏسندا تہ هڪ شخص آهي، اُن جا پير سندس نرڙ سان ۽ هٿ ڪنڌ سان ٻڌل آهن ۽ جهنّم جا نانگ، وڇون ان سان چنبڙيل آهن. حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام ان جون زنجيرون ٽوڙيندا ۽ جهنّم مان ڪڍي حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام جي حوالي ڪندا. حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام ان کي وٺي عرشِ الٰهي جي سامهون حاضِر ٿيندا ۽ مٿو سجدي ۾ رکندا. الله پاڪ فرمائيندو: اي جبرائيل! مٿو مٿي کڻو. جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام مٿو کڻندا. هاڻي الله پاڪ اُن ٻانهي کي فرمائيندو: اي منهنجا ٻانها! ڇا مون تنهنجي بهترين تخليق نہ ڪئي هئي؟ ڇا

مون تو ڏانهن رسول نہ موڪليا هئا؟ ڇا اُن رسولن تو کي منهنجو ڪتاب نہ ٻڌايو هو؟ ڇا منهنجي رسولن توکي نيڪي جو حڪم نہ ڏنو هو، توکي بُرائي کان منع نہ ڪيو هو؟ اهو ٻانهو انهن تمام ڳالهين جو اقرار ڪندو (يعني چوندو: ها! ياالله پاڪ! تو منهنجي تمام اعليٰ تخليق فرمائي، تنهنجا رسول بہ آيا، انهن تنهنجا احڪام بہ ٻُڌايا). الله پاڪ فرمائيندو: پوءِ تو فُلاڻا فُلاڻا گُنَاھ ڇو ڪيا؟ ٻانهو عرض ڪندو: ياالله پاڪ! مون پنهنجو پاڻ تي ظُلم ڪيو، جنهن جي سزا ۾ مون کي جهنّم ۾ وڌو ويو، ان جي باوُجُود منهنجي اُميد نہ ٽُٽي، مون کي تنهنجي رحمت مان اُميد هئي، ان ڪري مان يَا حَنَّانُ، يَا مَنَّانُ پُڪاريندو رهيس، موليٰ! تون پنهنجي فضل سان مون کي جهنّم مان ڪڍيو آهي، ياالله پاڪ! هاڻي مون تي رحم فرماءِ. الله پاڪ فرمائيندو: اي ملائڪؤ! شاهد ٿي وڃو...! مون هن ٻانهي تي رحم ڪيو ۽ اُن کي معاف ڪري ڇڏيو.[1]

اي عاشقانِ رسول! هي آهي اهو جهنّم جيڪو هڪ ساهہ کڻي تہ پٿر، لوهہ ۽ انسان جي وچ ۾ فرق نٿو رهي، ايستائين جو حضرت مالِڪ عَلَيْهِ السَّلَام جيڪي جهنّم وارن کي ايئن سجاڻن ٿا جيئن ماءُ پنهنجي ٻارن کي سڃاڻي ٿي، اهي بہ پٿر، لوهہ ۽ انسان جي وچ ۾ فرق نہ ڪري سگهيا. هي اهو جهنّم آهي، ان ۾ اهي ويندا جن جي گُنَاهن جو پُڙ وزني هوندو.

گنہگار ہوں میں لائِقِ جہنّم ہوں کرم سے بخش دے مجھ کو نہ دے سزا یارَبّ!

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان هينئر زِندهہ آهيون، اسان ساهہ کڻي رهيا آهيون، سڀاڻي قيامت جي ڏينهن اسان جا هن دُنيا ئي ۾ ڪيل عمل توريا ويندا ۞ جيڪڏهن اسان دُنيا ۾ خوب نيڪيون ڪيون هونديون ۞ خوب نمازون پڙهيون هونديون ۞ روزا رکيا هوندا ۞ صدقو ۽ خيرات ۾ وڌي حصو ورتو هوندو ۞ نيڪي جي دعوت جون ڌومون مچائڻ ۾ اڳيرا رهيا هونداسين ۞

[1]...شرح مسند ابی حنیفہ، صفحہ:20-24۔

والِدين جي خدمت ڪئي هوندي ۞ گُناهن کان بچندا رهيا هونداسين تہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! الله پاڪ جي رحمت سان، ان جي پياري حبيب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي شفاعت سان قيامت واري ڏينهن اسان جي نيڪين جو پُڙ وزني هوندو ۽ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْڪَرِيْم! اسان جنّت جا حق دار ٿينداسين ۽ ۞ الله نہ ڪري، الله نہ ڪري جيڪڏهن دُنيا ۾ گُناهہ ڪيا هوندا ۞ جاڻي واڻي نمازون قضا ڪيون هونديون ۞ جاڻي واڻي روزا قضا ڪيا هوندا ۞ فرض ٿيڻ جي باوُجُود زڪوٰة ادا نہ ڪئي هوندي ۞ وياج ڏيڻ وٺڻ جاري رکيو هوندو ۞والدين جي دِل ڏُکائي هوندي ۞ مسلمانن کي تڪليفون ڏنيون هونديون ۞ فلمن، ڊرامن وغيره ۾ وقت برباد ڪيو هوندو ۞ افسوس..! اسان جي گُناهن جي سبب ڪالهہ بروزِ قيامت الله پاڪ جي رحمت کان محرومي ٿي وئي، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شَفَاعت نصيب نہ ٿي تہ سخت تڪليفن جو منهن ڏسڻو پوندو، اسان جي گُناهن جو پُڙ وزني ٿي ويو، نيڪيون گهٽجي ويون تہ افسوس...! اسان جهنّم جا حق دار ٿينداسين.

مجھے بخش دے بے سبب یااِلٰہی! نہ کرنا کبھی بھی غضب یااِلٰہی!

گناہوں نے ہائے کہیں کا نہ چھوڑا میں کب تک پھروں خوار اب یااِلٰہی!

مجھے نارِ دوزخ سے ڈر لگ رہا ہے ہو مجھ ناتواں پر کرم یااِلٰہی!

خدایا بُرے خاتمے سے بچانا پڑھوں کلمہ جب نکلے دم یااِلٰہی!

گناہوں سے بھرپُور نامہ ہے میرا مجھے بخش دے کر کرم یااِلٰہی! (1)

اي عاشقانِ رسول! مرڻ کان بعد واري هميشہ جي زِندگي ۾ راحت ۽ آرام حاصل ڪرڻ جي لاءِ، جنّت ۾ وڃڻ جي لاءِ اسان کي هن دُنيا ۾ نيڪ عمل ڪرڻا پوندا، گُناهن کان بچڻو پوندو. لهٰذا جهنّم جي عذابات جو تَصَوُّر ٻڌو! خوفِ خُدا کان ڏکي وڃو ۽ جنّت ۾ وڃڻ جي حِرص ۾ اچ ئي کان پڪي

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:107و110۔

سچي توبہ ڪري نيڪيون گڏ ڪرڻ ۾ مَصرُوف ٿي وڃو.

ڪچھ نيکياں کمالے جلد آخرت بنالے کوئی نہيں بھروسہ اے بھائی! زندگی

## جنّت جي طلبگارن جي لاءِ پنج مدني گل

فقيہ ابُو اللَّيث سمرقندي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيڪو شخص جنّت جو طلب گار آهي، ان تي لازِم آهي تہ 5 ڪمن تي هميشگي اختيار ڪري:

(1): پاڻ کي تمام گُنَاهن کان هر وقت بچائي رکي (ڇوتہ گُنَاه الله پاڪ جي ناراضگي جو سبب آهن ۽ الله پاڪ جي ناراضگي جنّت کان محروم ۽ جهنّم جو حق دار ڪرڻ واري آهي) (2): ٿوري دُنيا تي راضِي رهي، جو هڪ روايت ۾ آهي: جنّت جي قيمت دُنيا کي ڇڏڻ آهي (3): نيڪين جو حريص بڻجي وڃي. هر طرح جي نيڪي ڪرڻ جي ڪوشش ۾ رهي (يعني ڪنهن نيڪي کي گهٽ نہ سمجهي) ٿي سگهي ٿو تہ اها ئي نيڪي مغفرت جو سبب بڻجي وڃي (4): نيڪ ماڻهن سان محبت رکي، اُنهن وٽ ويهي، انهن سان دوستي ڪري ۽ انهن جي صحبت ۾ رهي ڇوتہ جڏهن نيڪ ماڻهن جي بخشش ٿيندي تہ هو پاڻ وٽ اُٿڻ ويهڻ وارن جي شَفَاعت ڪندا ۽ انهن کي پاڻ سان گڏ جنّت ۾ وٺي ويندا.[1]

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَنۡتَ مَعَ مَنۡ اَحۡبَبۡتَ قيامت جي ڏينهن تون ان سان گڏ هوندين جنهن سان دُنيا ۾ محبت ڪندو آهين.[2] (5): جهنّم کان بچڻ ۽ جنّت ۾ وڃڻ جون گهڻيون دُعائون گُهري. حضرت انس بن مالِڪ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي: جيڪو الله پاڪ کان 3 ڀيرا جنّت جو سُوال ڪري تہ جنّت پاڻ الله پاڪ جي بارگاه ۾ عرض ڪري ٿي: يا الله پاڪ! هن (دُعا ڪرڻ واري) کي جنّت ۾ داخِلو

---

1...تنبيہ الغافلين، صفحہ:40-41۔

2... مسلم، کتابُ البِرِّ و الصِّلہ، صفحہ:1017، حديث:2639۔

نصيب فرماءِ ۽ جيڪو ٻانهو 3 ڀيرا جهنّم کان بچڻ جي دُعا ڪري ته جهنّم خود الله پاڪ جي بارگاھ ۾ عرض ڪري ٿو: يا الله پاڪ! هن ٻانهي کي جهنّم کان محفوظ فرماءِ.(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: مَسجِد دَرس

پيارا اسلامي ڀائرو! اڄ جي هن فتنن واري دَور ۾ نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ بالخصوص نيڪ صحبت اِختيار ڪرڻ جي حوالي سان عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جو ديني ماحول تمام وڏي نعمت آهي، اوهان به هن ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو ۽ خوب نيڪيون ڪري جنّت ۾ وڃڻ جو سامان ڪيو. ذيلي حلقي جي 12 دِيني ڪمن ۾ پڻ وڌ کان وڌ حِصو وٺو! ان جي برڪت سان اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! خود نيڪ بڻجڻ ۽ ٻين کي نيڪ بنائڻ جو بهترين موقعو ملندو. ذيلي حلقي جي 12 ديني ڪمن مان هڪ دِيني ڪم آهي: مسجد دَرس (يعني مسجد ۾ فيضانِ سُنَّت ۽ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي ٻين ڪتابن ۽ رسالن مان درس ڏيڻ) اوهان به پنهنجي پاڙي جي مسجد ۾ تنظيمي طريقيڪار مطابق امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جي ڪتابن ۽ رسالن مان دَرس ڏيڻ جي عادت بڻايو ۽ ڪوشش ڪري موقعي جي مناسبت سان دَرس ڏيو! مثال طور ربيع الثاني اچي رهيو آهي ته هن مهيني ۾ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُہُمُ الْعَالِیَہ جا رسالا **مُئي جي لاش، جنات جو بادشاھ، نانگ جهڙو جِڻ** انهن مان دَرس ڏيو!

جيڪڏهن اوهان دَرس نٿا ڏئي سگهو ته مسجد دَرس ۾ شرڪت ئي ڪرڻ جي عادَت بڻايو! اِنْ شَآءَ اللّٰہُ الْکَرِیْم! عِلمِ دين سکڻ، نيڪيون ڪرڻ، گُناهن کان بچڻ ۽ ايمان جي حفاظت جي لاءِ فڪر ڪرڻ جو ذهن بڻجندو.

---

1...ترمذی، کتاب:صفة الجنة، صفحہ:605، حدیث:2572 ۔

## خوفِ خدا سبب روئڻ جي مٺاڻ ملي

هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: مان دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ اچڻ کان پهريان گُناهن جي دلدل ۾ ڦاٿل هئس، فلمون ڊراما ڏسڻ جو تہ تمام گهڻو شوقين هئس. منهنجي سڌرڻ جا سبب هي ٿيا جو اسان جي علائقي جي مسجد ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ مسجد دَرس ڏيندو هو، هڪ ڏينهن مان بہ دَرس ۾ شريڪ ٿيس، دَرس ٻڌو تہ مون کي سٺو لڳو، علم جون کوڙ ساريون ڳالهيون سکڻ لاءِ مليون ۽ فڪرِ آخرت تي ٻڌل ڳالهيون ٻُڌي دِل جي ڪيفيت ئي بدلجي وئي، مان روزانو مسجد درس ۾ شريڪ ٿيڻ لڳس، ايئن آهستہ آهستہ دعوتِ اسلامي سان وابستہ عاشقانِ رسول سان ملاقات بہ ٿيڻ لڳي، ان دوران هڪ ڀيري مون کي دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماع ۾ شرڪت جي سعادت نصيب ٿي، تِلاوت، نعت ۽ سُنّتن ڀري بيان منهنجي دِل ۽ دماغ تي گهڻو اَثر ڪيو، پوءِ اجتماع جي آخر ۾ گهري ويندڙ رِقّت انگيز دُعا دِل ۾ انقلاب آڻي ڇڏيو، مان خوفِ خُدا ۾ ڏڪي ويس، اکين مان ڳوڙها وهڻ لڳا، مون الله پاڪ جي بارگاهہ ۾ رَوئي رَوئي توبہ ڪئي ۽ آئنده سُنّتن ڀري زِندگي گذارڻ جي لاءِ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي ويس.[1]

ہے تجھ سے دُعا ربِّ اکبر! ہو مقبول فیضانِ سنّت

مسجد مسجد گھر گھر پڑھ کر اسلامی بھائی سناتا رہے (2)

## ذِڪرُ الله ڪرڻ سُنّتِ مصطفيٰ آهي

**فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: **مُفْرِد اڳتي وڌي ويا؟** عرض ڪيو ويو: مُفْرِد ڪير آهن؟ فرمايائون: ذِڪرُ الله ۾ بي خُود رهڻ (يعني ذوق، شوق سان هر وقت ذِڪرُ الله ۾ مَصرُوف رهڻ) وارا.[3]

---

[1]...شعبان المعظم جا بيانات، صفحہ:617۔

[2]...وسائلِ بخشش، صفحہ:475۔

[3]... شُعَبُ الْاِيْمان، بابٌ فِي محبةِ الله، فصل فِي اِدَامَۃِ الذِّكْر، جلد:1، صفحہ:390، حديث:505 ۔

اي عاشقانِ رسول! ذِکرُ الله جي کثرَت کرڻ سُنَّتِ مصطفيٰ آهي. ۞ اُمُّ المُؤمِنِين حضرت عائشہ صديقہ طيبہ، طاهره رَضِیَ اللہُ عَنْہَا فرمائن ٿيون: سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هر وقت ذِکرُ الله ۾ مَصرُوف رهندا هئا.[1] ۞ سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي عادتِ مبارڪ هئي تہ ۞ اُٿندي ويهندي ۞ هلندي ڦرندي ۞ کائيندي پيئندي ۞ سمهندي جاڳندي ۞ وُضو ڪندي ۞ نئوان ڪپڙا پائيندي ۞ سوار ٿيندي ۞ سواري تان لهندي ۞ سفر ۾ ويندي ۞ سفر تان واپس ٿيندي ۞ مسجد ۾ ايندي ويندي ۞ آنڌي، برسات، کنوڻ ڪڙڪڻ وقت غرض هر وقت ذِکرُ الله جاري رکندا ها ۽ مختلف دُعائون زبان تي جاري رهنديون هيون ۞ خوشي ۽ غمي جي وقت ۾ ⁘صبح کان شام تائين اهڙو کهڙو موقعو هو جنهن ۾ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کا دُعا نہ پڙهندا هئا ۞ رڳو ڏينهن نہ بلڪ رات جي خاموشي ۾ بہ برابر دُعا ۽ ذِکرِ اِلٰهي ۾ مشغول رهندا ها ۞ ايستائين جو وفات مهل بہ پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي زبان مبارڪ تي دُعا جارِي هئي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي بہ گهرجي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي سُنَّت تي عَمَل ڪندي خُوب ڪثرت سان الله پاڪ جو ذِکر ڪيون. مرآة المناجيح جلد:3، صفحي: 304 تي آهي: ذِکر جون 3 قسمون آهن: (1): ذِکر لِسَاني (زبان سان ذِکر) (2): ذِکر جِنَاني (يعني دِل ئي دِل ۾ الله پاڪ کي ياد ڪرڻ) (3): ذِکر اَرکاني (يعني پنهنجي عضوئن کي نيڪين ۾ مَصرُوف رکڻ) اهڙي طرح الله پاڪ جي نالن جو ذِکر ڪرڻ اهو بِلاواسطہ (Directly) ذِکر آهي ۽ الله پاڪ جي محبوبن جو محبت سان ذِکر ڪرڻ اهو بِالواسطہ (Indirectly) ذِکر آهي.

---

1... بخاری، کتاب: الاذان، صفحہ:221۔

2... سیرتِ مصطفےٰ صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم، صفحہ:598 بتغیر قلیل۔

میری زباں تَر رہے ذِکر و دُرُود سے بے جا ہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فُضُول [1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعہ جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاہِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن. (افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا)

### ﴿2﴾ سمورا گُناہ مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَ مَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. (افضل

[1]...وسائلِ بخشش، صفحہ:243۔

الصلوات علی سید السادات، الصلاة الحادیة عشرة، ص 65)

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. (القول البدیع، الباب الثانی، ص277)

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. (افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاة الثانیة والخمسون، ص149)

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَ تَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. (القول البدیع، الباب الاول، ص125)

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

**شافع امم** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.** (الترغيب والترهيب، ج ۲، ص ۳۲۹، حديث ۳۱))

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

**حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس** رَضِیَ اللهُ عَنۡهُمَا **ڪان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.** ( مجمع الزوائد،ڪتاب الادعية،باب فی ڪيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305)

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، **الله** عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: **جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.** (ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد